ڊاڪٽر مهر خادم

# سچل سائينءَ جي زندگي ۽ سندس فڪري محرڪ

**Abstract:**

*Sachal Sarmast was a well-known and outstanding poet of Sindh who is also called the 'Poet of Truth'. His poetry reflects human nature. The major objective of his poetry was to highlight the social, political and religious issues of his times.*

*His uncle and spiritual guide khawaja Abdul Haque, great Persian poet Khujawa Fariduddin Attar and world - recognized Sufi poet Mansoor Hillaj were his major intellectual sources.*

*Sachal composed many verses in honour of these great saints. This research paper centers on the life and intellectual factors which remained inspirational sources behind Sachal Saeen's poetic development. It is clearly understood that Sachal Saeen was highly impressed by these inspiring poetic personalities.*

**سنڌ** جي بيباڪ ۽ وحدت الوجودي عظيم صوفي شاعر حضرت سچل سرمست جو جنم 1152ھ مُطابق 1739ع ۾ درازا شريف ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو ميان صلاح الدين فاروقي هو، جيڪو ان وقت گذاري ويو، جڏهن سچل سائينءَ جي عمر 6 ورهيہ هئي. سچل سائينءَ جو ڏاڏو ميان صاحبڏنو فاروقي، پاڻ بہ وڏو صوفي شاعر ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ويجهو دوست ۽ همعصر هو. ميان صاحبڏني فاروقيءَ سنڌ ۾ ڪافيءَ جي صنف کي اوليت ڏيئي، ان کي عام ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. سچل سائينءَ جو چاچو خواجہ عبدالحق (پهريون) پاڻ وڏو اهل الله ۽ صوفي شاعر هو، جنهن جي شانَ ۾، سچل سائينءَ جا ڪيترائي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي شعر چيل آهن. سچل سائينءَ جي والد جي وفات کان پوءِ، سندس تعليم ۽ تربيت ڏانهن سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني فاروقيءَ ۽ سندس چاچي خواجہ عبدالحق (پهريون) ڌيان ڏنو. سچل سائين جڏهن 7 سالن جي عمر جو هو تہ، ڀِٽائي سائين، مخدوم عبدالرحمٰن شهيد ڪهڙن واري ۽ سندس 222 مريدن جي تعزيت لاءِ آيل هو. پهريان درازا شريف ۾ پنهنجي فڪري دوست ميان صاحبڏني فاروقيءَ وٽ آيو. ڀِٽائي سائينءَ، سچل سائينءَ کي ڏسندي پيشنگوئي ڪئي تہ: ”اسان جيڪا عشق جي ديڳ چاڙهي آهي، ان جو ڍڪ هي ٻار لاهيندو.“(1)





فقير، درويش ۽ صوفي شاعر، پنهنجي رمز ۽ مامَ ۾ ڳالهائيندا آهن، انهن جي ڳالهين کي ڪي ٿورا ماڻهو ئي سمجهي سگهندا آهن.

سچل سائينءَ 12 سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو ۽ قرآن جو حافظ بڻجي ويو، جنهن ڪري کيس 'حافظ درازي' بہ سڏيو ويندو آهي. سچل سائينءَ کي جنهن استاد قرآن مجيد حفظ ڪرايو هو، ان جو نالو، حافظ عبدالله قريشي هو، جيڪو پڻ درازا شريف ۾ پڙهيو هو ۽ درازا شريف جي بزرگن جو عقيدتمند پڻ هو. سچل سائينءَ، پنهنجي استاد حافظ عبدالله قريشيءَ جي وفات تي 'قطعہ تاريخ' خود لکي هئي، جنهن ۾ سچل سائينءَ کيس 'عارف باالله' سڏيو آهي. سچل سائينءَ جي استاد، حافظ عبدالله قريشيءَ جي تربت درازا درگاهہ جي اڱڻ ۾ ئي آهي.

سچل سائينءَ، عربي ۽ فارسي تعليم، پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق (پهريون)کان حاصل ڪئي، جنهن کيس تصوف ۽ دنيا جي صوفي بزرگن جي ڄاڻ ڏني. ان ئي نسبت سان سچل سائينءَ جو پنهنجي مرشد جي شانَ ۾ اعترافي شعر آهي تہ:

مرشد ڪامل سانول سُپرين، آيو صاف صحن ۾،
فيض فاروقي فائق بخشيو، فهمائي هن فن ۾.(2)

سچل سائينءَ، شاعريءَ جي شروعات، پنهنجي تعليم دوران ئي ڪري ڇڏي هئي. فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ پهريائين تخلص 'خُدائي' استعمال ڪندو هو ۽ پوءِ، فارسيءَ ۾ 'آشڪار'. سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ 'سچل'، 'سچو' ۽ 'سچيڏنو' پنهنجي شاعريءَ ۾ تخلص طور استعمال ڪيائين. سچل سائينءَ پنهنجو اصل نالو عبدالوهاب فاروقي، شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ استعمال نہ ڪيو آهي.

سچل سائينءَ جي عمر جڏهن جوانيءَ کي پهتي تہ، سندس چاچي ۽ مرشد خواجہ عبدالحق، پنهنجي نياڻيءَ سان شادي ڪرائي. سندس گهر واري ٻن سالن کان پوءِ وفات ڪري وئي، کيس ڪو بہ اولاد نہ ٿيو. سچل سائينءَ ان کان پوءِ سڄي ڄمار ٻي شادي نہ ڪئي.

سچل سائين، پنهنجي مرشدن جو خليفو هو. سندس زندگيءَ ۾ ٽي مرشد رهيا: پهريون سندس ڏاڏو ميان صاحبڏنو فاروقي، ٻيو سندس چاچو خواجہ عبدالحق ۽ ٽيون مرشد سندس سؤٽ، سخي قبول محمد (پهريون) هئا. سچل سائينءَ جا مرشد لوڙهي اندر رهندا هئا، تنهن ڪري ٻاهرين ڪار وهنوار ۽ برادريءَ سان اٿڻ ويهڻ جي

ذميواري سچل سائينءَ جي حوالي هئي. ڀرپاسي جي بزرگن، صوفي درويشن ۽ ٽالپر حڪمرانن سان اٿڻ ويهڻ، شادي ۽ غميءَ ۾ پير ڀرڻ جي ذميواري، سچل سائينءَ تي هئي. هر جمعي تي، سچل سائين، پنهنجي مٿن مائٽن ڏانهن به پيرو ڪندو هو ۽ انهن کان خير عافيت معلوم ڪرڻ لاءِ ويندو هو. درگاهه درازا جي بزرگن کي پنهنجي مرشد، شاهه عبيدالله جيلانيءَ، جيڪو غوث اعظم سيد عبدالقادر شاهه جيلانيءَ جي خاندان مان هو، وصيعت ڪئي هئي ته، درگاهه جو سجاده نشين لوڙهي ۾ رهي، خاندان جو هر فرد سجاده نشين جي بيعت ڪري ۽ ٻيو ڪو به بيعت نه وٺي.(3) درگاهه درازا شريف جي بزرگن جي مرشد، شاهه عبيدالله جيلانيءَ جي مزار، اجمير شريف ۾ آهي. سندس مزار به اتي خواجه معين الدين چشتي جي درگاهه عاليه ۾ آهي.(4)

سچل سائينءَ سچي ڄمار، شاعريءَ ۽ تصوف واري فڪر کي ارپي ڇڏي. ڇئن ٻولين سنڌي، سرائڪي اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي. سچل سائينءَ لاءِ جيڪا اڳڪٿي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪئي هئي، ان جي مڪمل عڪاسي سندس شاعري آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڍيرج ۽ مانيٽو لهجو موجود آهي پر، سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ ڪليل اظهار، بنا ڪنهن هٻڪ جي سڌو سچ چوڻ واري جرئت موجود آهي. لطيف سائينءَ بيت ۽ وائيءَ جي صنفن ۾ شاعري ڪئي، پر سچل سائينءَ ڪافيءَ غزل، ڏوهيڙي، فرد، رباعي، منقبت، ته حرفي، مثنوي، مرثيي، گهڙولي، جهولڻي وغيره جي صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي. سچل سائينءَ پنهنجي شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾ موسيقيءَ جو به نئون رنگ پيدا ڪيو. اڳ موسيقي جيڪا ڪومل سُرن ۾ آلاپي ويندي هئي، سچل سرمست وٽ اچي، ان موسيقيءَ، مستيءَ وارو روپُ اختيار ڪيو ۽ جوش جاڳايو. سچل سائينءَ جي شاعري ڳائڻ سان وجد طاري ٿئي ٿو، جو ڳائڻ واري سان گڏوگڏ ٻڌڻ وارو به ان ئي لئي ۾ جهومي ۽ نچي ٿو. بيخوديءَ واري ڪيفيت سچل سائينءَ جي نه شاعريءَ ۾ پر گڏوگڏ سندس ڳائڻ واري انداز ۾ به موجود آهي. سچل سائينءَ جي شاعريءَ کي جيسيتائين راڳي، رندي انداز سان نه ڳائيندو، تيسيتائين سندس شاعريءَ جو صحيح حق ادا نه ٿي سگهندو ۽ نه ئي صحيح مفهوم جي ادائگي ٿي سگهندي.

## فڪري محرڪ:

شاعر لاءِ فڪري محرڪ صرف ڪي شخصيتون نه هونديون آهن، پر انهن سان





گڏ، سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتون به فڪري محرڪ ٻڻبيون آهن. شاعر هر رُخ ۾ سوچيندو آهي، هر طرف ڏسندو آهي ۽ هر شيءِ محسوس ڪندو آهي. جيڪا شيءِ من کي ڇهندي آهي، ان جو اظهار شاعريءَ جي روپ ۾ ڪيو ويندو آهي. نظريا، سوچون ۽ آدرش به فڪري محرڪ بڻبا آهن. محرڪ جي لغوي معنيٰ آهي: ”حرڪت ڏيندڙ، چوريندڙ، اُڀاريندڙ.“ (5)

سچل سائينءَ جي دؤر ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي افراتفري هُئي. سچل سائينءَ جي ڄمڻ واري سال نادر شاهه، سنڌ تي حملو ڪيو، اڳتي هلي احمد شاهه ابداليءَ سنڌ تي ڦهري ڪاهه ڪري ڦر لُٽَ ڪَئي. سندس حملن جي طريقيڪار ۽ ڦُرلُٽَ جي عَڪاسيءَ طور پنجابَ ۾ هيءَ چوڻي مشهور ٿي: ”کاڌا پيتا راهي دا، باقي احمد شاهي دا.“(6)

بعد ۾ مدد خان سِنڌُ کي تاراج ڪيو، لٽيو، ڦريو، ماريو ۽ دهشتَ پکيڙي، جنهن ڪري ”گهوڙا زي گهوڙا“ واري چوڻيءَ جنم ورتو.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جون حڪومتون مذهبي طاقت جي آڌار تي جُڙيون هيون. اهو ئي سبب آهي جو، سندن وقت ۾ ڪُجهه مذهبي ڌرين کي وڌيڪ ئي چوٽِ مليل هئي. جنهن جو غلط فاعدو وٺندي غير مسلمانن کي زوريءَ مسلمان بنائڻ وارا واقعا به پيش آيا. انهن سببن جي ڪري سنڌين جي اتحاد کي نقصان رسندو رهيو ۽ سچل سائين اهڙين حالتن ڪري ڏڪارو رهندو هو، تنهن ڪري اهو وقت هر قسم جي سچ کي ظاهر ڪرڻ جو هو، قوم لاءِ وڏن خطرن جو وقت هو. اهو وقت مصلحتن جو نه هو، پر چٽيءَ طرح سچ کي هر طرف کان ظاهر ڪرڻ جو هو. مذهبي رواداريءَ جي ضرورت هئي، تڏهن ئي سچل سائينءَ چيو:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، ٻٽي نه ٻٽي.(7)

انهيءَ لاءِ روشن خيال عمل اختيار ڪرڻ تاڪيد ڪندي چيائين:

وقتُ اها ٿي ويل، دُوئي دور ڪرڻ جي،
ڪيِ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
مٿان ٿئي اويل، اولهه سچ نه اُلهي.(8)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عهدو، لقب ۽ ظاهري علم بہ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي مغرور بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو آپي مان نڪري ويندو آهي. اها حالت، سچل سائينءَ جي وقت ۾ بہ هئي. اهڙا ماڻهو سندس وقت ۾ بہ پنهنجو نماءُ ڪندا هئا، جن سچل سائين بيزاري ڏيکاري ٿو. ان وقت جا شيخ، مشائخ، پير ۽ پاڻ وڏائي مراعتون حاصل ڪندا هئا، جڏهن تہ باطني وقت جو عوام عذابن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيندو هو. سچل سائين، اهڙن مراعتي ماڻهن کان بلڪل بيزار هو، تڏهن تہ چيائين:

بزرگ، شيخ مشائخ يارو! نا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي، نڪي مُلا، معلم پيرَ بڻياسي،
نڪي ناه نڳيءَ جا ناهي، رنگ رساءَ رکياسي،
سچا ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سکياسي.(9)

سچل سائينءَ جي شاعريءَ جو فڪر، ان ڪري بہ مٿانهون آهي تہ، ان ۾ سست ٿي، ڪُنڊ وسائڻ واري ڪيفيت نہ آهي، پر وڏي واڪ سچ چوڻ واري ۽ عملي طور ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو نظر اچي ٿو. سچل سائينءَ کي اها بہ خبر هئي تہ، سچ چوڻ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي.

سچل سائينءَ جي زندگيءَ ۾ ٽي اهم شخصيتون اُهي بہ آهن، جيڪي سندس فڪري محرڪ بڻيون. انهن ۾ هڪ سندس چاچو ۽ مرشد خواجہ عبدالحق ٻيو دنيا جو عظيم صوفي، حُسين بن منصور حلاج ۽ ٽيون صوفي شاعر شيخ فريد الدين عطار. انهن ٽنهي شخصيتن جي فڪري زندگيءَ کان سچل سائين تمام گهڻو متاثر رهيو. انهن شخصيتن جو پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت ئي عقيدت سان ذڪر ڪيو اٿائين.

سچل سائين. پنهنجي چاچي ۽ مرشد ميان عبدالحق جو انتهائي عقيدتمند هو، جيڪو سندس سهرو بہ هو ڪيس عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ تصوف ۽ صوفي سڳورن جي ڄاڻ ۽ تعليم ڏيڻ وارو ميان خواجہ عبدالحق هو. خواجہ عبدالحق 1120ھ ۾ درازا شريف ۾ پيدا ٿيو. پاڻ صوفي شاعر ۽ انسان دوست ولي ۽ بزرگ هو. سندس فارسي شاعري اڄ بہ موجود آهي. پاڻ سن 1214ھ ۾ وفات ڪيائين. سچل سائينءَ، پنهنجي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي شاعريءَ ۾ ڪٿي سندس نالو وٺي ياد ڪري ٿو. ڪٿي هادي، پير، رهبر ۽ مرشد چئي ياد ڪري ٿو ۽ ڪٿي وري ڪيس تخلص ’حق الحق‘ سان سڏي، عقيدت جو اظهار ڪري ٿو:





هي حقيقت حال جي ساري، وجي سائينءَ سُڻاءِ،
سو سَچو مرشد سَچوءَ جو، پير عبدالحق آهہِ.(10)

خواجہ عبدالحق مرشد جي حيثيت سان سچل سائينءَ جي باطني تربيت ڪئي ۽ ڪيس الاهي رازن کان واقف ڪيو، جنهن جو اظهار هن شعر ۾ موجود آهي:

من خدايم موج ۾، ميان سچوءَ يار الايو،
آهہ ڪُل روح ربي، مرشد عبدالحق فرمايو.(11)

خواجہ عبدالحق جي تعليم ۽ تربيت، سچل سائينءَ کي نسورو نينهن بڻائي ڇڏيو، پر جِتي دوئي ڏنائين، اُتي بہ دانائن وارو ڪردار ادا ڪيائين:

غير نہ پائج پاڻ کي، رهہ دوئيءَ ۾ داناءُ،
هادي حق الحق تان، مون کي اها ڪئي آگاهہ.(12)

سچل سائينءَ کي عشق انعام طور بہ، پنهنجي مرشد پاران ئي عطا ٿيو، جنهن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪري ٿو.

هادي سائينءَ پاڻ سَچوءَ کي، عشق ڪيو انعام.(13)

سچل سائينءَ جي اردو شاعريءَ ۾ بہ، پنهنجي مرشد لاءِ تمام گهڻي عقيدتمندي موجود آهي. سچل سائينءَ کي پنهنجي مرشد خواجہ عبدالحق سان ايتري عقيدتمندي ۽ ويساهہ هو، جو ڪنهن ٻئي جي ڪا بہ پرواهہ نٿو ڪري ڇو تہ، سندس مرشد ڪامل ولي هو:

پير مغان کي آستان، سيتي پڙا رهہ اي سَچو!
تجهڪون ڪيا پرواهہ هي، تيرا پير عبدالحق هوا.(14)

دنيا جي انهن عظيم هستين کان بہ، سچل سائين واقف هو، جن ڪندي، سچ کي ظاهر ڪيو ۽ ان جي موٽَ ۾، انهن هستين سان جيڪو ورتاءُ دنيا ڪيو، اُهو بہ عالم آشڪار آهي. فريد الدين عطار ۽ منصور حلاج، سچل سائينءَ جا فڪري رهبر هئا، جن جي سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ دنيا کي لوڏي ڇڏيو ۽ ظاهر پرست دنيا سندن مخالف بڻجي ويئي. سندن آلاپيل سچ کي قبول ڪرڻ لاءِ، دنيا جي ذهنن کي طاقت نہ هئي، تنهن ڪري طاقتور مخالف ڌريون هڪ ٿي ويون. جن جو اثر رسوخ ايترو هو، جو منصور حلاج فڪري دوست شيخ شبلي بہ مات ٿي ويو ۽ مخالفن سان گڏ بيهي رهيو.

حسين بن منصور حلاج 849ع ۾ جنم ورتو ۽ عباسي خليفي المقتدر جي

ڏينهن ۾ 26 مارچ 922ع تي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. (15)

حسين بن منصور حلاج. جنهن ’انا الحق‘ (مان حق آهيان) جو نعرو هنيو، جنهن کي ان نعري هٽڻ جي ڏوهه ۾ ڦاهيءَ چاڙهي، بعد ۾ ساڙي، اُنَ جي رک دجلا درياءَ حوالي ڪئي وئي. منصور حلاج تڪليفن کي برداشت ڪيو، پر جنهن حَقَ کي حَقُ سمجهي هُنَ اهو نعرو هنيو هو، اُن تان آخر تائين دستبردار نہ ٿيو ۽ حق سان هڪ ٿي، تاريخ ۾ پنهنجو نالو امر بڻائي ڇڏيو. هُو صوفي ۽ شاعر هو. هُنَ جون فڪري سوچون ملان، مفتي، مخدوم ۽ شيخ جي سمجھ کان مٿي هيون. سچل سائين بہ مُلان، مفتي، شيخ جي ظاهر پرست ڪردار کان واقف هو، ان ڪري انهن کان هميشہ بيزار رهيو.

سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ حسين بن منصور حلاج لاءِ انتهائي عقيدتمندي ملي ٿي. سچل سائينءَ جي نظر ۾ منصور حلاج، عاشق هو ۽ عاشقن جي هميشہ سوريءَ تي سواري رهندي آهي. منصور حلاج حسيني هو، تنهنڪري هُنَ حق جي خاطر حسيني روايت کي برقرار رکندي سوريءَ تي سِرُ ڏئي اُنَ کي سينگاري ڇڏيو:

روز ازل ڪئون عاشقن جي، سوريءَ تي هسواري،
شاهہ منصور حلاج حُسيني، سوري ڪيئن سينگاري.(16)

منصور حلاج جي فڪر کي نہ سمجهندڙن ’انا الحق‘ جي نعري لاءِ باهہ ٻاري ڇڏي. ان ئي پس منظر کي پيش ڪندي سچل سائينءَ فرمايو کي بنياد بڻائي:

انا الحق منصور الايا، ڪيتس حشر هولي (17)

سچل سائينءَ جي نظر ۾ منصور حلاج ڪتيو ۽ سندس مخالفن هارايو. سوريءَ جي سينگاريل ميدان ۾ منصور حلاج، غازين وانگر ڳاٽ اوچو ڪري جان جو نذرانو ڏنو:

وچ چؤگان حُسين حلاجي، غازيءَ ماري گوءِ.(18)

منصور حلاج، اٽموٽ گهوٽ هو، جيڪو ڪنهن بہ ڇڄ جي پنيان ڪڏهن نہ هليو ۽ نہ ئي وري هُنَ جيڪو سچائيءَ ۽ حقيقت جو سفر طئي ڪيو، اُهو ڪو تماشي خاطر هو. هُنَ مرندي دم تائين حق کي حق چيو. انڪري ئي سچل سائينءَ وٽ سندن لاءِ هيءَ پيتا هُئي:

پنيءَ ڇڄ نہ جُل، منجهہ تماشي نہ پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگاما هُل،
پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، وتج حال حلاج جو.(19)





سچل سائين، منصور حلاج واري فڪر جو ٻي ڊپو پرچارڪ هو، ان لاءِ ڪيس ’منصور ثاني‘ بہ سڏيو ويندو آهي:

ٿي منصور ڪريسان هڪ دن، انا الحق اظهار.(20)

سچل سائين، جيئن منصور جي عظمت ۽ حق جو قائل هو، تيئن ئي فريد الدين عطار سندس فڪري رهبر هو. فريد الدين عطار 513هہ ۾ نيشاپور ۾ پيدا ٿيو.(21)

فريد الدين عطار بہ منگولن جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو هو. سچل سائينءَ، فريد الدين عطار جي، نہ رڳو ذات جي واکاڻ ڪئي آهي، پر سندس ڪِتابن، شهر ۽ گهٽين کي بہ عقيدت سان شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. سچل سائينءَ، فريد الدين عطار جي عظمت کي انتهائي عقيدت سان ياد ڪيو آهي:

عطار نبود، آنک خدا بود خدا بود،
بر وصف نبود، آنک خدا بود خُدا بود.(22)

فريد الدين عطار جي مثنوين، منطق الطير ۽ وصلت نامي کي بہ سچل سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ واکاڻيو آهي. فريد الدين عطار جي شهر ۽ گهٽين لاءِ بہ، سچل سائينءَ وٽ عقيدتمندي آهي:

چون بہ وصلت نامہ خوانديم منطق الطير را،
اين چنين فرموده است آن خواجہ عطار ما.(23)

**يعني:** مون ’وصلت نامي‘ جو راز ۽ ’منطق الطير‘ جو اسرار پڙهيو، جيڪو خواجہ عطار جو چيل آهي.

بين ڪوچۂ بازار نشاپور پُر ازدرد،
مشهور همان جا شد عطار بود مرد.(24)

**يعني:** ڏسو نيشاپور شهر جون گهٽيون ۽ بازارون، درد سان ڀريل آهن، فريد الدين عطار هڪ ڪامل ۽ مشهور مرد آهي، جيڪو اتان جو آهي.

سچل سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ فريد الدين عطار کي پنهنجو يار، عارف ۽ عاشق سڏيو آهي.

يار ما باشد يکي از صد هزار،
عارف و عاشق بود نامش عطار.(25)

**يعني:** منهنجو يار لکن مان هڪ آهي، عارف ۽ عاشق آهي ۽ سندس نالوُ عطار آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دردرون سينہ يابم بوئي يار،

شد معطر جان من از شہ عطار.(26)

**يعني:** مان، پنهنجي سيني ۾ يار جي خوشبوءِ محسوس ڪريان ٿو. منهنجو روح شاهہ عطار سان معطر آهي.

سچل سائينءَ جي، عطار سان ايتري عقيدتمندي، ان جي عظمت ۽ ڪِتابن جي ايتري واکاڻ ۽ وڏي ڳالهہ تہ، ان جي فڪر کي ايترو پسند ڪرڻ سبب ٿي، ان جو پاڇو مٿس سدائين رهيو. سچل سائين فڪري طور ڪڏهن بہ پاڻ کي فريد الدين عطار کان ڌار نہ ڪيو، اهو ئي سبب آهي. جو ڪيس 'سنڌ جو عطار' بہ چيو ويندو آهي.

سچل سائينءَ جي پوري زندگي، فڪري جدوجهد ۾ گذري. سچ، امن، محبت، مذهبي رواداري، عشق محبت ۽ سماجي جاڳرتا بہ سندس زندگيءَ جا محور ۽ محرڪ رهيا. سنڌ جي هي عظيم صوفي شاعر، زندگيءَ جا 90 سالَ حق جو آواز بلند ڪندو رهيو، ازل ۽ ابد جو مشاهدو ماڻيندو رهيو ۽ نيٺ 14 رمضان 1242هہ مُطابق 11 اپريل 1827ع تي هن دنيا کي الوداع چيو. سچل سائينءَ جي طبعي زندگي تہ نوي سال رهي، پر فڪري طور جيڪا امرتا ماڻي، ان جو ڪڏهن بہ انت اچڻو نہ آهي.

### حوالا


1. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر، 'نينهن جا نعرا'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع، ص23.
2. مرزا، علي قلي، بيگ، 'رسالو ميان سچل فقير جو' (ياڳو پهريون)، ماستر هري سنگهہ تاجر ڪتب، سکر نئون، 1902ع، ص:340.
3. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر، 'نينهن جا نعرا'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع، ص:20.
4. ساڳيو، ص:18.
5. بلوچ، عبدالستار، 'سنڌيڪا لغت'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، ص:42.
6. پٺي، رشيد، 'سچل جو مڪتب'، سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، سنڌ، 1993ع، ص:43.
7. مرزا، علي قلي، بيگ، 'رسالو ميان سچل فقير جو' (ياڳو پهريون)، ماستر هري سنگهہ تاجر ڪتب، سکر نئون، 1902ع، ص:82.
8. فقير نماڻو، 'سچل جو ڪلام'، عرف عاشقي الهام، نماڻو فقير (بيوطن) خاڪ پاءِ سگ در شاهہ درازا، 1952ع، ص: 450.
9. ساڳيو، ص:288.
10. مرزا، علي قلي، بيگ، 'رسالو ميان سچل فقير جو' (ياڳو پهريون)، ماستر هري سنگهہ تاجر ڪتب، سکر نئون، 1902ع، ص:109.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair






11. ساڳيو، ص:77.
12. ساڳيو، 41.
13. ساڳيو، 40.
14. مهر خادم، 'سچل سرمست دا اردو ڪلام'، سرائڪي ادبي مجلس، بهاولپور، 2005ع، ص:95.
15. نصير، سومرو، 'منصور حلاج صوفي مت جو اهڃاڻ'، عوامي آواز، سنڌي مئگزين، ڪراچي، 30 مارچ، 2014ع.
16. مرزا، علي قلي، بيگ، 'رسالو ميان سچل فقير جو' (ياڳو پهريون)، ماستر هري سنگهہ تاجر ڪتب، سکر نئون، 1902ع، ص:233.
17. ساڳيو، ص:288.
18. ساڳيو، ص:364ع.
19. ساڳيو، ص:128.
20. راڻيپوري، محمد صادق، مولانا، 'حڪيم سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1982ع، ص:283.
21. شيخ، فريد الدين عطار، نيشاپوري، 'منطق الطير، باتصحيح و مقدمہ'، احمد خوشنويس عَماد، ڪِتاب خانہ سنائي. ص:34.
22. فاروقي، محمد نشان، فقير، 'ديوان آشڪار' (قلمي)، 1240هہ (ڪِتابت)، ص:39.
23. ساڳيو، ص:3.
24. ساڳيو، ص:38.
25. ساڳيو، ص:185.
26. ساڳيو، ص:185.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair